# 9

# ترائيون بچائڻ
# Protecting Watersheds


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| ترائيون ڪيئن ڪم ڪن ٿيون | 156 |
| پاڻيءَ جو ڦيرو / آبي چڪر | 156 |
| ترائيون پاڻيءَ ۽ مٽيءَ کي ڪيئن بچائين ٿيون | 157 |
| سرگرمي: هڪ ترائي ٺاهڻ | 158 |
| قصو: آگان رور وئلي ۾ ترائيءَ جي تباهي | 159 |
| تباهہ ٿيل ترائين جا صحت تي پوندڙ اثر | 160 |
| ترائين کي بچائڻ ۽ بحالڻ | 161 |
| پائدار ترقي سان ترائين جو بچاءُ ٿئي ٿو | 161 |
| ڪنهن ترائيءَ جي سنڀال لهڻ جا فائدا | 162 |
| قصو: آگان رور وادي جي صحت سڌارڻ | 163 |
| سرگرمي: برادريءَ لاءِ ترائيءَ جي رٿا ٺاهڻ | 164 |
| پاڻيءَ جا وهڪرا سنڀالڻ | 167 |
| ڳوٺن ۽ شهرن جون ترائيون | 168 |
| وڏا ڊئم صحت دشمن ٿين ٿا | 169 |
| قصو: ياقوئي جي ماڻهن کي هڪ وڏي ڊئم ڪيئن نہ بيمار ڪري ڇڏيو | 169 |
| ڊئم اوپارن ۽ لهوارن هنڌن تي مسئلا پيدا ڪن ٿا | 170 |
| وڏن ڊئمن جا نعم البدل | 172 |
| بين القبيلائي ڀائيچارو يوڪان دريا بچائي ٿو | 173 |

# ترائيون بچائڻ




پلي تہ توهان کھڙي بہ هنڌ، ڪنهن ڳوناڻي يا شهري علائقي ۾ چو نہ هجو، اصل ۾ هڪ **ترائيءَ** (watershed) ۾ هجو ٿا. ترائي زمين جو هڪ اهڙو هنڌ ٿئي ٿو جتي مينهن ۽ برف جو سمورو پاڻي هڪ وهڪري، درياءَ، ڍنڍ يا ويٽلئنڊ جي صورت ۾ اچي گڏ ٿئي ٿو. ترائيءَ کي **شِمِ** (catchment) بہ سڏجي ٿو. چاڪاڻ تہ، مٿانهان هنڌ ۽ مٿانهان وهڪرا سمورو پاڻي گڏ ڪن ٿا جيڪو پوءِ هيٺانهن هنڌن ۾ لهوارن وهڪرن جي صورت ۾ وهي ٿو.

ڪا ترائي تمام وشال، زمين جا هزارين ڪلوميٽر تہ ننڍي ۾ ننڍي ڪنهن واديءَ جيتري بہ ٿي سگهي ٿي. اهڙي هر وڏيءَ ترائيءَ ۾ پاڻي مٿاهين ٽڪرين کان هيٺانهن وادين ڏانهن وهندو رهي ٿو (جھڙوڪ هڪ جابلو سلسلو) اتي ڪيتريون ئي ننڍڙيون ترائيون (جھڙوڪ: ننڍڙا وهڪرا ۽ پاڻي جا لنگهہ جيڪي دريائن ۽ سمنڊن ڏانهن وهن ٿا) موجود ٿين ٿيون. مختلف سائيزن جي ترائين لاءِ ڏسو ايندڙ صفحو.

هڪ صحتمند ترائي پاڻيءَ جي رسد بچائي ٿي، پيلا، وڻ ٽڻ ۽ جھنگلي جيوت پالي ٿي، زمين زرخيز رکي ٿي ۽ پاڙيرين برادرين جي سهائتا ڪري ٿي. ڪنهن بہ ترائيءَ ۾ اوچتين ۽ وڏين تبديلين اچڻ سان جھڙوڪ: وڻ ٽڻ ڪٽي ڇڏڻ، گند ڪچرو اڇلائيندي رهڻ، روڊ، گهر ۽ ڊئم ٺاهڻ سان اها ترائي ۽ انجي پاڻيءَ جا وسيلا تباهہ ٿي وڃن ٿا، موٽ ۾ اهڙي زمين، راڄن جي تندرستي متاثر ڪري ٿي جنهن سبب صحت، بک، بدحالي ۽ لڏپلاڻ جهڙا مسئلا پيدا ٿين ٿا. ترائين مان پاڻيءَ جي وهڪرن جي طريقن ۾ رٿا سان تبديليون آڻڻ، پاڻي ۽ زمين کي سنوارڻ ۽ استعمال ڪرڻ جهڙن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ سان مستقبل ۾ پيدا ٿيندڙ لاڳاپيل مسئلن کان بچي سگهجي ٿو.

# ترائيون پاڻيءَ ۽ مٽيءَ کي ڪيئن بچائين ٿيون

ڪنهن به ترائيءَ جو گهڻو پاڻي، دريائن ۽ ڍنڍن ۾ نڪتو ٿئي پر انجي مٽيءَ ۾ رئي هجي ٿو. هڪ صحتمند ترائيءَ ۾ صاف پاڻيءَ جي رسد ۽ زرخيز مٽي ٿئي ٿي، ترائي جي مٽئين حصن، دريائن ۽ وهڪرن جي پڪن سان ٿيندڙ وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا خاص طور تي گاهه، جر جي پاڻيءَ جو معيار ۽ مقدار سڌاريندڙ ٿين ٿا.



## هڪ ترائي ناهڻ

هن مشغولي مان ماڻهن کي اها ڳالهه سمجهڻ ۾ مدد ملندي ته ڪا ترائي ڪيئن ٿي ڪم ڪري ۽ ترائي جي آسپاس واريون سڀ شيون ان علائقي جي رهندڙ ماڻهن جي صحت لاءِ ڇو ضروري آهن.

وقت: 30 کان 45 منٽ

سامان: هر ٽوليءَ لاءِ پني جي 1 وڏي شيٽ، 1 گينديءِ ۽ رنگين پينسلون يا پاڻيٺي رنگ واريون پينيون ۽ پاڻي.

1. 3 کان 5 ماڻهن جون ٽوليون ناهيو

2. هر ٽولي پنهنجي پني جي شيٽ کڻي انکي مروٽي سروٽي ۽ پوءِ ايترو سڌو ڪري ٿي جيئن منجهس ڪجهه حصا اپريل رهجي وڃن.

3. ٽولي، پني تي ترائيءَ جي مختلف حصن کي رنگ ڪري ٿي جنهن ۾ اپار ناسي، واديون سائي ۽ درياءَ ۽ واهڙ نيري رنگ جا ٿين ٿا. ان ڪانپوءِ مختلف رنگن رستي اهو ظاهر ڪري سگهجي ٿو ته ماڻهن ترائين ۾ ڪهڙين شين جو واڌارو ڪيو آهي مثال طور: ڳاڙهو رنگ گندغلاظت جا ڍير، ڪارو جيتمار دوائن (پيسٽيسائيڊ) ۽ پيٽرول، ڊيزل ۽ ٻين ڪيميائي مادن وغيره لاءِ.

4. پني کي گينديءَ يا پاٽ ۾ رکي ان ڊول جهڙو ڪريو ته جيئن اهو ترائي جهڙو ڏسڻ ۾ اچي جنهن جا گهنج اپار ته، جهول وادين جي نشاندهي ڪندڙ هوندا.

5. ٽوليءَ جا ماڻهو پاڻيءَ مان پنهنجيون آڱريون آليون ڪري انهن سان ترائيءَ جي چوٽين کي تيسيتائين آهستگيءَ سان ڇهندا رهن ٿا جيستائين پني تي رنگ ظاهر ٿيڻ شروع نٿا ٿين. هر هڪ ٽولي بحث ڪري ٻڌائي ٿي ته انهن رنگن سان ڇا ٿو ٿئي، جڏهن اهي ترائين جي هيٺاهن هنڌن تائين رسن ٿا.

6. سڀني ٽولين کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري ٻڌايو ته هنن جيڪي ڪجهه ڏٺو آهي اهو ڪيئن ان ڳالهه جي نمائندگي ڪندڙ ٿئي ٿو جيڪو اصلي ترائيءَ سان ٿئي ٿو. شيون جيترو مفاصلو طئي ڪن ٿيون ۽ جنهن طرح سان ترائيءَ ۾ مختلف عنصر هڪٻئي سان ملي وڃن ٿا اها ڳالهه به نوٽ ڪريو.

**بحث ڪرڻ لاءِ سوال**

- لهوارن هنڌن تي رهندڙ ماڻهن لاءِ گند غلاظت جي ڍيرن مان خارج ٿيندڙ غليظ پاڻي (ڳاڙهو رنگ) ۽ پيسٽسائيڊ (ڪارو رنگ) صحت جا ڪهڙا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو؟
- جيڪڏهن ترائيءَ تباه ٿي وڃي ته، توهانجي خيال ۾ وسنديءَ کي ڪهڙين تبديلين سان منهن ڏيڻو پوندو؟
- توهانجي برادري ترائي کي بچائڻ يا بحالڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻندي؟



# آگان رور وئلي ۾ ترائيءَ جي تباهي

40 سال اڳ، آگان رور (Aguan River) جون مٿاهيون ٽڪريون ٻيلن سان ڇانيل هونديون هيون. سڄي هندورس ۾ اها وادي وڌ ۾ وڌ زرخيز سمجهي ويندي هئي ۽ ڪيترن ڳوٺن ۽ ڪيتن جي ماڻهن کي پيٽ گذر جو سٺو وکر مهيا ڪندي هئي. منجهانئس ڪيترا ننڍڙا صاف شفاف وهڪرا ٽڪرين کان هيٺ نيري آگان وادي ڏانهن وهندا رهندا هيا. درياءُ واديءَ جي هُردي مان ٿيندو وڃي ڪئريبيئن سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو.

پوءِ هڪ دور اهڙو به آيو جڏهن ماڻهن ڪيتي ڪرڻ ۽ مال چارڻ لاءِ وڻ وڍڻ شروع ڪيا. ميون جي وڏين واپاري ڪمپنين اچي وڏيڪ وڻ وڍي ڪيلن جي پوک ڪرڻ شروع ڪئي. واديءَ جي بهترين زمين، سرمائيدار ماڻهن جي ملڪيت ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهن کي مجبور ٿي ٽڪرين ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻي پيئي. نيٺ، هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جڏهن گهڻا وڻ وڍجي ويا ۽ ٽڪرين جي آسپاس گهٽي کان گهڻا ماڻهو اچي آباد ٿيا. درياءَ ۽ وهڪرن ۾ گهٽ پاڻي بچيو ته اهو هاڻ ايترو صاف به نه هو.

آگان واديءَ جي ماڻهن کي سڌ هئي ته، هاڻي ماحول متجي ويو آهي پر هنن اها ڳالهه سامونڊي طوفان اچڻ ڪانپوءِ سمجهي ته سندن ترائي ڪيتري قدر نه تباهه ٿي چڪي آهي. شديد برسات سبب جابلو ڇپون ڪري پيون، ڪيترائي گهر ڍهي پٽ ٿي ويا ۽ سڄو ڳوٺ لڙهي ويو. گهڻا ماڻهو مري ويا ته ڪيترائي بيمار ٿي ويا.

جيئن جيئن هو گڏجي طوفان جي ست مان پاڻيرا ٿيڻ لڳا ته، هنن محسوس ڪيو ته ٽڪرين جي پاسن وارن وڻن جي گم ٿيڻ، جابلو ڇپن ڪرڻ ۽ سندن صحت جي پيدا ٿيندڙ مسئلن جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو هيو. چوپائي مال سندن پيئڻ جو پاڻي ڪنو ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب ٻارن ۾ دستن سميت ڪيتريون پيون بيماريون ٿي پيون هيون. فصل وڏيڪ خراب ٿي ويا هيا. چاڪاڻ ته، زمين مينهن جو پاڻي جذب ڪري نٿي سگهي جنهن سبب زمينون جلد سڪي ٿي ويون. ان ڪانپوءِ سياري جو مينهن پيو ته اهو مٽي به لوڙهي ويو فصل ايترا گهٽ ٿي ٿيا جو ماڻهو بکون ڪاٽڻ لڳا ۽ بکن سبب سندن صحت جا مسئلا بدتر ٿيندا ويا.



ماڻهن ۾ آهستي آهستي سمجهه پيدا ٿيڻ لڳي ته سندن صحت جي سڌاري جو رڳو اپاءُ ڪين پنهنجيءَ ترائيءَ جو بچاءُ ڪرڻ ۾ آهي.

”تباهه ٿيل ترائين جا صحت تي پوندڙ اثر“ ۾ آگان رور وئلي جو وڌيڪ قصو ص. 163 تي پڙهو.

## تباھ ٿيل ترائين جا صحت تي پوندڙ اثر

جڏھن زمين کي وڻن ۽ ٻوٽن کان وانجھو ڪيو ويجي ٿو تہ اھڙي زمين گھٽ پاڻي جھلي سگھي ٿي ۽ کوھ ۽ چشما سڪي وڃن ٿا. خشڪ سالي ڊگھي عرصي تائين ھلي ٿي يا ور ور ٿي پوي ٿي. ان سبب پاڻي جي اڻاٺ سان لاڳاپيل صحت جا سڀ مسئلا پيدا ٿين ٿا (ڏسو باب 5). وڻن کان وانجھيل زمين مان مٽي ضايع ٿي وڃي ٿي (ڪاڏ لاءِ ڏسو ص. 200) جنھن سبب وڌيڪ اناج اپائڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو نتيجي ۾ بک پيدا ٿئي ٿي ۽ ماڻھو لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

جڏھن ويٽلئنڊون تباھ ٿي وڃن ٿيون تہ پاڻيءَ مان زھريلي غلاظت ڇاڻي نٿيون سگھن جنھن سبب غلاظت پکڙبي وڃي ٿي. ويٽلئنڊن ۽ ٻيلن جي تباھي سبب ٻوڏون اچن ٿيون جنھن سبب حادثا، موت ۽ دستن جي بيمارين ۾ واڌارو ٿئي ٿو.



صنعتن، تيل ڪڍڻ، ڪاٺين ڪوٽڻ ۽ صنعتي زراعت سبب پاڻي غليظ ٿي وڃي ٿو

ٻيلا ڪٽي ڇڏڻ سان زمين جي ڪاڏ ۽ ٻوڏون بدتر ٿي وڃن ٿيون

ويٽلئنڊ واريءَ زمين تي گھڻيون عمارتون ۽ رستا ناھڻ سان وڌيڪ ٻوڏون اچن ٿيون ۽ پاڻيءَ جي غلاظت ٿئي ٿي.

### ترائين ۾ تبديلي اچڻ سان مڇرن جي بيمارين ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

مڇر، بيٺل ۽ آھستي وھندڙ پاڻيءَ تي ٿئي ٿو. جڏھن زمين جي استعمال ۽ ترائين مان پاڻيءَ وھڻ جي طريقن ۾ وڏيون يا اوچتيون تبديليون آنديون وڃن ٿيون تہ اھڙين حالتن سبب مڇرن کي واڌ ويجھ ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا. اھڙيون حالتون ھيٺين ڳالھين سبب پيدا ٿين ٿيون.

- جڏھن اڏاوتن لاءِ ريتي ۽ واري ڪڍڻ لاءِ دريائن جو پيٽ کوٽيو ۽ سون جھڙو قيمتي ڌاتو ڳولھيو وڃي ٿو تہ ان سبب پاڻي ڍبن جي صورت ۾ رھجي وڃي ٿو.
- ڦٽل دريائن سبب پاڻي بيھجي وڃي ٿو ۽ پاڻيءَ جي وھڪرن ۾ تبديلي اچي ٿي (ڏسو ص. 170).
- روڊن ٺاھڻ سان پاڻيءَ جو وھڪرو بند ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻي ڍبن جي صورت ۾ بيھجي وڃي ٿو.

جيڪڏھن توھان پاڻيءَ کي وھندو رکندو تہ ترائين ۾ ايندڙ تبديلي سبب ڊينگي، مليريا ۽ پيلي بخار جھڙين بيمارين ۾ واڌارو ٿي نہ سگھندو. مڇرن جي آزارن کان بچڻ لاءِ وڌيڪ ڏسو باب 8.



# ترائين کي بچائڻ ۽ بحالڻ

ڪنهن به ترائيءَ جي زمين جا ڪيترا مختلف مالڪ ٿين ٿا. ان سبب سيني جو ساٿ حاصل ڪري ترائي سڌارڻ ڏکيو ٿئي ٿو. پر جيئن ته، ترائيءَ ۾ سڀ شامل ٿين ٿا تنهنڪري ضروري ٿئي ٿو ته جيترن وڌ ۾ وڌ ماڻهن لاءِ ممڪن ٿي سگهي ترائيءَ جي بچاءَ لاءِ ٿيندڙ ڪوششن ۾ شامل ٿين ۽ سهائتا ڪن.

### پائدار ترقي سان ترائين جو بچاءُ ٿئي ٿو

ترائين ۾ ايندڙ ڪي تبديليون جهڙوڪ: روڊ ناهڻ، ڪنهن درياءَ کي آبپاشي يا بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ڦٽائڻ، ترائين کي سڪائڻ ته جيئن جيتن جي واڌ ويجهه روڪي سگهجي، جهڙيون ڳالهيون ان اميد سان ڪيون وڃن ٿيون ته جيئن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ سڌارو آڻي سگهجي. پر جي اهڙيون تبديليون، ترائين مان پاڻيءَ جي قدرتي وهڪرن کي سوچڻ ويچارڻ بنا آنديون وڃن ته اهڙين حالتن ۾ فائدي بجاءِ وڏيڪ نقصان ٿئي ٿو.



اهڙا ڪيترائي طريقا آهن جن رستي، ترائين کي ڇيهي رسائڻ بجاءِ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۾ سڌارا آڻي هاڻ ۽ آئيندي لاءِ صحتمند بڻائي سگهجي ٿو.

- اها پڪ ڪرڻ ته واٽرسپلاءِ ۽ صحت صفائيءَ جون رٿائون مقامي آبادين ۽ ماحول جي فائدي لاءِ سٺي طرح سان سنڀاليون ۽ هلايون وڃن ٿيون (ڏسو باب 6 ۽ 7)
- ٻيلن کي صحتمند رکڻ لاءِ سدائين ڪم ٿيندو رهي ٿو (ڏسو باب 10)
- فصلن پوکڻ لاءِ پائدار طريقا استعمال ڪندي زمين کي زرخيز رکيو وڃي ٿو (ڏسو باب 15)
- گندغلاظت جو سلامتيءَ سان اڪلاءُ ڪيو ۽ اهو گهٽ ۾ گهٽ پيدا ڪيو وڃي ٿو (ڏسو باب 18 ۽ 19)
- گهر، روڊ رستا ۽ آباديون اهڙيءَ طرح سان اڏيون وڃن ٿيون ته جيئن ترائين مان پاڻي جي قدرتي وهڪري ۾ تبديلي اچي يا ڪاڏ پيدا ٿي نه سگهي ۽ موسمي ٻوڏن کان بچيل رهن.

## ڪنهن ترائيءَ جي سنڀال لهڻ جا فائدا

ڪنهن ترائيءَ جي سنڀال لهندي رهڻ لاءِ، عام طور تي زمين تي جهيڙن جا مسئلا حل ڪرڻ، حد بنديون چٽيون ڪري ڇڏڻ، پاڻيءَ جي وهڪري لاءِ رٿا ناهڻ، پاڙيسرين سان ۽ پاڻيءَ جي استعمال بابت ٺاهه ڪرڻ ۽ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ گهربل وسيلا گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي ونڊ ورهاست ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون شامل ٿين ٿيون.



جڏهن ماڻهو گڏجي پنهنجيءَ ترائيءَ جي سنڀال ڪن ٿا ته هر هڪ کي گهڻو پاڻي حاصل ٿي سگهي ٿو.

ڪيترين وسندين لاءِ اهڙيون رٿائون سوليون نٿيون ٿين. جنهن سبب مقامي ۽ صوبائي حڪومتن کي شامل ڪري اهڙا جهڳڙا حل ڪرڻا پون ٿا جيڪي ورلي بهتر ته ورلي بدتر ثابت ٿين ٿا.

جڏهن ماڻهو گڏجي پنهنجين ترائين جو بچاءُ ڪري سگهن ته موٽ ۾ کين گهڻو پاڻي ملي سگهي ٿو. جيئن ته پاڻيءَ جي کوٽ سبب جهيڙا ٿين يا اهي سنگين ٿي وڃن ٿا، تنهنڪري وڌيڪ پاڻي هجڻ سان ماڻهن جا پاڻ ۾ لاڳاپا بهتر ٿين ٿا ته برادريءَ جي صحت جو به بچاءَ ٿيندو رهندو.

ڪنهن ترائيءَ کي بچائڻ جا ڪجهه هيٺيان فائدا ٿي سگهن ٿا:

- کوهن ۽ چشمن ۾ پاڻيءَ جي مقدار جو وڌيڪ ۽ صاف سٺرو هجڻ
- فصلن جي سٺي اپت جيڪا خشڪ ساليءَ ۾ پڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي
- مال کي صحتمند رکڻ

وڌيڪ پاڻي هجڻ سان وڌيڪ فصل پوکي سگهجن ٿا، ان سان ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ واڌاري ٿيڻ سان سندن گهر ڇڏي ڪم جي ڳولها ۾ نڪرڻ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا.

صفحي 159 جو قصو هتان شروع ٿئي ٿو.

## آگان رور وادي جي صحت سڌارڻ

هُوندورس جي ساموندي طوفان جيئن تہ آگان رور واديءَ جي ترائيءَ جي هر ماڻهوءَ کي متاثر ڪري ڇڏيو هو تنهنڪري هر ماڻهو انکي بحالڻ جي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ آتو هيو. سڄي وادي جي ڳوٺن ۾ واهڻن جا ماڻهو پاڻ ۾ ملڻ شروع ٿيا. جيئن تہ هر هنڌ تي جابلو ڇپون ڪريون هيون ان سبب گهڻا ماڻهو بي گهر هيا. ڪئٿولڪ چرچ جي سهڪار سان هر ماڻهوءَ اها ڳالهہ پئي ڪئي تہ مسئلن کي پائدار طريقن سان ڪيئن حل ڪجي.

پنهنجيون وستيون ٻيهر آباد ڪندي هنن اها ڳالهہ بہ سمجهي تہ زمين جي بچاءَ يا تباهيءَ جو مدار سندن زراعت جي طريقن تي آهي. آبادگارن، پنهنجي زمين سڌارڻ ۾ کاڌ روڪڻ لاءِ ٽڪرين سان هيٺ-مٿي بجاءِ قطارن ۾ پوکي ڪرڻ لڳا ۽ هنن جيڪي نيڪاس کسيون، پٿرن جون پٽيون ۽ اهڙيون ٻيون رڪاوٽون جوڙيون انهن رستي لهوارا جابلو پاسا بچائي سگهيا. آبادگار پنهنجين زمينن کي نون طريقن سان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ تي گدگد ٿي ٿيا. ساڳئي وقت کين اها بہ خبر پيئي تہ وڏ ۾ وڏ نقصان پهچائيندڙ ياڳيا ۽ باغائي / وٽڪارن جا مالڪ آهن.

ڳوٺاڻن ۽ آبادگارن اهڙن ڪٽنبن سان ملڻ شروع ڪيو جن وٽ ڪيلن جا وڏا باغ يا گهڻو مال هو. ڳوٺاڻن، وڏن آبادگارن سان ملي ساڻن هر هڪ فرد لاءِ پاڻي جي بچاءَ لاءِ ڳالهايو ۽ کين ٻڌايو تہ "اهي رڳو غريب ماڻهو ناهن جيڪي تباهہ ٿيل زمين ۽ ڪني پاڻيءَ سبب لوڙين ٿا "پر، اسان سڀ آهيون".

ايئن وقت سان گڏ واديءَ جا امير زميندار بہ بحاليءَ جي ڪوشش ۾ مدد ڪرڻ لڳا. انهن مان ڪيترن ڪاڙين ۽ چشمن کي لوڙهن ڏيارڻ تي راضپو ڏيکاريو تہ جيئن مال کي پري رکي سگهجي. ٻين، جن جون ٽڪرين تي زمينون هيون تن، لهوارن هنڌن جي مالڪن کي اتي وڻ پوکڻ ڏنا. واديءَ جي کن آبادگارن، ٽڪري جي مٿاهن هنڌن جي مالڪن سان سندن ڪجهہ زمين تي لوڙها هٽي مٿئين زمين جي بچائڻ لاءِ اجازت ورتي. ياڳين لاءِ اهو ئي بهتر هيو تہ اهي پنهنجي مال لاءِ واديءَ جي زمين حاصل ڪن تہ سڄي برادريءَ لاءِ بہ بهتر هيو تہ اهي پنهنجي مال کي مٿانهين ٽڪري کان پري رکن، اهڙي رٿا سبب هر هڪ کي فائدو ٿيو.



ساموندي طوفان کانپوءِ آگان رور وادي جي ماڻهن جا هڪٻئي سان لاڳاپا سنا ٿيڻ لڳا نہ تہ اڳ ۾ ورلي ڪو پاڻ ۾ ڳالهائيندا هيا. کين اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ پنهنجي ترائيءَ جي سنڀال لهڻ سان وٽن ۽ سندن ٻارن کي صاف پاڻي ۽ سنا گهر حاصل ٿي سگهندا. اها ڳالهہ نہ رڳو ترائي پر برادريءَ لاءِ بہ سٺي آهي.




## برادريءَ لاءِ ترائيءَ جي رٿا ٺاهڻ

آگان رور وادي جي ترائي واريءَ ٽيم، پنهنجي ترائيءَ جي سنڀال لهڻ لاءِ شروعات ۾ هيٺيان قدم کنيا:

### 1. پنهنجي ترائيءَ جي حالت جاچڻ

هڪ گروپ جي حيثيت ۾ برادريءَ جي چڱن مڙسن، استادن ۽ ٻين ماڻهن سان گڏجي اهڙيون جايون ڳولهيون جيڪي ترائيءَ جي صحت لاءِ ضروري ٿين ٿيون. ترائيءَ جي سائيز جي لحاظ کان اهڙي هنڌ ڳولهڻ ۾ هڪ ڏينهن کانوٺي ڪيترائي هفتا لڳي سگهن ٿا.

پاڻيءَ جا مکيه لنگهه جاچيوءِ ڏسو ته اهي ڪهڙي هنڌ تي هڪٻئي سان ملن ٿا. اهو به ڏسي نوٽ ڪندا وڃو ته ڪير ترائيءَ جي ڪهڙن هنڌن تي رهي ٿو ۽ زمين ۽ وسيلا مختلف علائقن ۾ ڪهڙي طرح سان استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهي هنڌ گهمي ڏسو جتان ماڻهو پاڻي گڏ ڪن ٿا، ڪهڙن هنڌن تي پاڻي ڪنوٺئي ٿو (جهڙوڪ: ڪارخانن ويجهو چراگاهه ۽ جتي گندڪچرو گڏ ٿئي ٿو) ۽ اهڙا ٻيا لاڳاپيل هنڌ.

ماڻهن سان ڳالهائي ڪائن اهڙين تبديلين بابت پڇا ڪريو جيڪي هنن ڪيتري وقت کانوٺي پئي محسوس ڪيون آهن. شڪارين ۽ مڇي ماريندڙن کي خبر هوندي آهي ته جانور ڪٿي ٿين ٿا ۽ سال جي مختلف وقتن تي ڪٿي رهن ٿا. توهانجي برادري توهانجي ترائيءَ جي مڪمل مهارت رکي ٿي.

### 2. پنهنجي ترائيءَ جو هڪ نقشو ٺاهيو




اهي هنڌ گهمي ڏسڻ کانپوءِ پاڻ ۾ ڳالهائي ڏسو ته توهان ڇا سکيو آهي ۽ ڪهڙي بهتر طرح سان، توهان اها سڄي معلومات پنهنجي برادريءَ سان ونڊي سگهو ٿا. بحث ڪري ڏسو ته ڪهڙيون شيون زمين ۽ پاڻيءَ کي ڇيهو رسائي سگهن ٿيون. ترائيءَ جو هڪ نقشو ٺاهي ان تي لاڳاپيل جاين جي نشاندهي ڪرڻ سان مدد ملي سگهي ٿي. وڌڙا ان سلسلي ۾ نقشي ٺاهڻ، اهو ٻڌائڻ ته اڳ ۾ اتي ڇا هوندو هيو ۽ هاڻ اهي هنڌ ڪيئن مٽجي ويا آهن مدد ڪري سگهن ٿا (نقشي لاءِ وڌيڪ ڏسو ص. 15).

### 3. پنهنجي برادري جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائڻ

ترائي جي آسپاس ۾ رهندڙن سيني برادرين جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺايو جنهن ۾ هيلٿ ورڪرن، پاڻيءَ ۽ صحت صفائيءَ جي واسطيدار ماڻهن، زمين جي مالڪن، سيئين ۽ پاڻي ڊوئيندڙن جو شامل ٿيڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

توهانکي بہ جيڪي مسئلا ڏسڻ ۾ آيا آهن اهي نقشي رستي واضح ڪريو. ماڻهن کي صحت جا مسئلا هڪٻئي سان ونڊڻ لاءِ همٿايو ۽ ان ڳالهہ تي بحث ڪريو تہ پاڻي جي غلاظت، ٻيلن وڍڻ، زمين جي کاڌ ۽ ترائيءَ جي ٻين ڳالهين سبب ڪيئن مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. مٿاڇري ۽ جر جي پاڻيءَ بابت بہ ڳالهائڻ نہ وساريو.

هن بحث جو مقصد مسئلن جي سڃاڻپ ڪرڻ ڪانپوءِ انهن جا حل ڳولهڻ آهي. هر مسئلي ٻڌائڻ ڪانپوءِ پڇو: اسان هن وقت ان مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ شروع ڪري سگهون ٿا؟ ڇا ان لاءِ اسانکي فني/ ٽيڪنيڪي مدد، پئسي يا ڪن ٻين وسيلن جي ضرورت پوندي؟ ان لاءِ ڪنهنکي شامل ڪري سگهجي ٿو؟




### 4. ڀائيچارو ڪرڻ

ڪنهن بہ ترائيءَ ۾ گڏجاڻيون ۽ واڪ ڪرڻ (گهمي ڦري ڏسڻ) سان ماڻهن ۾ ڀائيچارو پيدا ڪري سگهجي ٿو. ترائيءَ جي لهوارن ۽ اوڀارن هنڌن تي رهندڙن سميت مختلف گروپن جي نمائندن سان گڏجاڻيون ڪري گڏيل مقصدن جي سڃاڻپ ڪري انهن جي ماڻڻ لاءِ طريقا ۽ رستا ڳولهيو تہ جيئن هر هڪ انهن مان فائدو وٺي سگهي.

ورلي، اهڙو ڀائيچارو ڪري سگهڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو. خاص طور تي، جيڪڏهن اهڙي ترائي وڏي آهي تہ. چاهيو تہ مقامي ماڻهن جي مختلف ٽولين سميت شهري ۽ قانوني ڪميٽين ۾ هم آهنگي پيدا ڪري سگهو ٿا. برادرين جي مختلف ماڻهن وٽ عام طور تي پنهنجا پنهنجا خيال ۽ ويچار ٿي سگهن ٿا تہ ترائيءَ ۾ هيئنئن نہ هوئڻ هجڻ گهرجي. ٻين جي گهرجن ۽ ويچارن کي سمجهڻ يا مڃڻ ۾ ڏکيائي ٿي سگهي ٿي. حيثيت ۽ طاقت ۾ فرق، وسيلا ۽ اثر رسوخ سنگين جهيڙن جو سبب ٿي سگهن ٿا. پر جڏهن هر فرد جي گهرجن ۽ سهائتا جو احترام ڪيو وڃي، رڳو ان سبب نہ تہ اهي امير يا مان مرتبي وارا آهن تڏهن ئي ڪو سگهارو ڀائيچارو قائم ٿي سگهي ٿو. ڪم ڪار دوران سنئين ڳالهہ ڪرڻ ۽ ايماندار رهڻ سان ئي اعتماد پيدا ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن سڀ ڀائيوار اهڙي ڀائيچاري ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ چاهين ٿا تہ ڪين بہ ان مان فائدو ملڻ گهرجي.

ان لاءِ آگان رور وادي ۾ ڪيل اهڙن ڪن ناهن تي سوچي ڏسو. ماڻهن جي هڪ گروپ بين جي زمين تي وڻ پوکيا. امير پاڳين ڪاڙين ۾ چشمن ڪي لوڙهن ڏيڻ تي راضپو ڏيکاريو. ڪن تہ بدلي ۾ زمين بہ ڏيئي ڪيئي. ارادو، بُردباري، گهٽي ۾ صاف پاڻيءَ جي فائدن سبب اهڙي پائواري وڌندي ڪامياب ٿيندي ويئي.

## 5. ڪم ڪرڻ جي هڪ رٿا تيار ڪريو

پنهنجا مقصد چٽا ۾ اهي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ رٿا تيار ڪريو. اهڙو هڪ مقصد 5 سالن دوران پاڻيءَ جي ذريعن ويجهو وڻن پوکڻ جو بہ ٿي سگهي ٿو. اهڙو بيو مقصد درياءَ جي سنڀال لهڻ بہ ٿي سگهي ٿو تہ جيئن ايندڙ 50 سالن دوران ان جو پاڻي سلامتيءَ سان پي سگهجي.

ڪم جي اهڙيءَ رٿا ۾ زمين جو هڪ اهڙو ٽڪرو بہ شامل ڪري سگهجي ٿو جيڪو هميشہ لاءِ بچائي بلڪل استعمال ڪرڻو نٿو پوي خاص طور تي، وهڪرن ويجهو يا ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي. ان لاءِ اهڙي هنڌ تي "ترائي سانڊ هيٺ آهي: استعمال نہ ڪريو" جو بورڊ هڻي يا اتي جي وڻن تي رنگ هڻي اهڙا نشان ڪري ڇڏيو.

ترائيءَ جي سنڀال ڪرڻ سان عام طور تي ان جو سڀ کان ڀرپور فائدو ترائيءَ جي هيٺاهين هنڌ تي رهندڙن کي ٿئي ٿو (وڌيڪ پاڻي ۾ سٺي زمين ملي ٿي). ڪم جي هڪ اهڙي رٿا تيار ڪريو جنهن ۾ ترائيءَ کان مٿاهين هنڌ تي رهندڙن جون ضرورتون بہ شامل هجن جنکي اڳتي هلي فائدو رسندو. جڏهن برادريءَ جو هر فرد گڏجي سڏجي ڪم ڪري ٿو تہ اهڙيءَ رٿا جي ڪامياب ٿيڻ جا وڌيڪ امڪان ٿين ٿا.




### آگان رور وادي جي ترائيءَ جي ڪم جي رٿا

1. پاڻيءَ جي ذريعن ويجهو ساوڪ نہ وڍڻ
2. ننڍن ٻوٽن کي واڌ ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ، جن هنڌن تي گهٽ وڻ آهن خاص طور تي پاڻيءَ جي ذريعن ويجهو اتي گهڻا وڻ پوکڻ.
3. برادريءَ جي سطح تي نرسريون هٽي گهڻا وڻ پوکڻ / ٻيلا وڌائڻ لاءِ ٻوٽا تيار ڪرڻ.
4. ٻيلن کي ٻاهين کان بچائڻ ۾ وسائڻ لاءِ ماڻهو منظم ڪرڻ. مقامي آبادگارن کي سمجهائڻ تہ، اهي پنهنجين زمينن کي ٻاهيون نہ ڏين يا ٻڌائڻ تہ، ايئن محدود ۾ سلامتيءَ واري طريقي سان ڪيئن ڪري سگهجي ٿو.
5. پاڻيءَ جي وسيلي چوڌاري لوڙهو ڏيئي اتي "سانديل هنڌ" جو نشان هڻي ڇڏڻ.
6. آبادگارن کي سائي پاڻ ۾ فصلن جي گندڪچري ريسائيڪل ڪرڻ، جهل ڏيندڙ پتيون اڏڻ ۾ لهوارن هنڌن سان وڻ پوکڻ لاءِ همٿائڻ.
7. ڪيميائي جيتمار دوائن ۾ پاڻن جي استعمال جي حوصلي شڪني ڪرڻ.
8. مقامي سرڪار ۾ واٽر ڪميشن سان گڏجي ڪاڪوس، نيڪاس ناليون ۾ ڌوپ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جي ذريعن کي پري هٽائڻ.
9. برادري جي سطح تي گندڪچري گڏ ڪرڻ ۾ گندڪچرو واهڙن ۾ دريائن ۾ نہ وهائڻ جو بندوبست ڪرڻ.
10. مال کي پاڻيءَ جي ذريعن کان پري رکڻ ۾ انهن هنڌن جي نشاندهي ڪري ڇڏڻ، جتي مال کي چرڻ نہ گهرجي.
11. پڪ ڪرڻ تہ جيڪي ماڻهو وسنديءَ ۾ نوان آيا ۾ نوان ڪم ڪار شروع ڪيا آهن اهي ترائيءَ بابت ڄاڻ رکن ٿا ۾ ان جي سنڀال لهڻ ۾ ڪيئن مددگار ٿي سگهن ٿا.

اهي قدم ڪنهن بہ وسنديءَ جي ترائي بچائڻ ۾ سنڀالڻ جي رٿا ۾ هڪ مثال ٿي سگهن ٿا. جڏهن تہ هن رٿا جو هڪ وڏ ۾ وڏ اهم حصو ڪيل ناهن ۾ وڌ ۾ وڌ ماڻهن کي شامل ڪرڻ آهي، جنهن جا دائمي طور تي هر هڪ کي فائدا پهچندا.

## ڳوٺن ۽ شهرن جون ترائيون

جڏهن به ڪو ڳوٺ وڏو يا شهر اڏيو ويجي ٿو ته ان سبب ترائي منجهان وهندڙ پاڻيءَ جو وهڪرو به تبديل ٿي ويجي ٿو. شهري ترقيءَ سبب روڊن، فوٽ پاٿن ۽ ڇتين جهڙن نهرن متاڇرن سبب مينهن جو پاڻي تيزي سان وهي وڃڻ ڪري اهو زمين ۾ جذب ٿي نٿو سگهي. ان سبب پاڻي گڏ ٿي بيهجي، مڇرن جي واڌ ويجهه جي جاءِ بڻجي ويجي ٿو، ان ڪانسواءِ اهو ٻوڏ جو سبب به ٿي سگهي ٿو.

جنهن هنڌ تي ماڻهو وڏي انگ ۾ گڏ ٿين ٿا ۽ صنعت زور وٺي ٿي اتي گهٽيءَ غلاظت سبب پاڻي ڪنو ٿيندو رهي ٿو. جنهن سبب شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ويٽلئنڊن ۽ درياءَ جي پڪن کي صحتمند رکڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو جڏهن ته انهن جو صحتمند هجڻ خاص طور تي اهم ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته، ويٽلئنڊ غليظ پاڻيءَ کي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ، ٻوٽن ۽ جانورن کي غليظ ٿيڻ ۽ انساني صحت کي تباهه ٿيڻ کان بچائين ٿا.

پنهنجي حصي جي ترائيءَ جي بچاءُ ڪرڻ لاءِ ڳوٺن ۽ شهرن جا ماڻهو هيٺيان ڪم ڪري سگهن ٿا:

- انساني غلاظتن ۽ زهريلن ڪيميائي مادن کي سلامتيءَ سان اڪلائڻ ته جيئن پاڻيءَ کي غليظ ٿيڻ کان بچائي سگهجي (ڏسو باب 7، 16 ۽ 20).
- پنهنجي شهر ۾ درياءَ جي پڪن، واهڙن ۽ ويٽلئنڊن کي باغيچن جيان بحال ڪرڻ. ڪيٽريون برادريون نيڪاس نالين بجاءِ روڊن سان گڏ ننڍا ننڍا باغيچا ٺاهي ڇڏين ٿيون ته جيئن انهن رستي زمين ۾ پاڻي جذب ٿي سگهي.
- مهمون هلائڻ ته جيئن شهري سرڪار ٻوڏ وارن خطرناڪ هنڌن تي رهندڙ ماڻهن کي محفوظ گهر ٺاهي ڏئي.
- ڪاروبارين ۽ صنعتن تي دٻاءُ وجهڻ ته جيئن اهي پنهنجي گند غلاظت جي ذميواري کڻي سگهن.
- شهري سرڪار ۽ شهري تنظيمن رستي صوبائي رٿائن ۽ پائدار ترقي لاءِ ٿيندڙ ڪمن ۾ شامل ٿيڻ.



شهرن ۽ ڳوٺن جون ترائيون سولائيءَ سان غليظ ٿي سگهن ٿيون جن کي غلاظت کان بچائي سگهجي ٿو.

## وڏا ڊئم صحت دشمن ٿين ٿا

ڪنهن به درياءَ ڪي آرپار هڪ پٽ ڏيئي ڊئم ناهيو ويجي ٿو. ڊئم ان سبب ناهيا وڃن ٿا ته جيئن درياءَ جو وهڪرو بند ڪري هڪ هٽرادو ڍنڍ ناهي سگهجي جنهن ڪي رزروائر (reservoir) سڏجي ٿو. رزروائر رستي پاڻي گڏ ڪري ٻوڏ روڪي، آبپاشيءَ ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي مهيا ڪري ۽ بجلي ناهي سگهجي ٿي يا اهو وندر وروندڙ جو ماڳ به ٿي سگهي ٿو.

ڊئمن رستي جديد شهر اڏيا ويا آهن ۽ ڪيترين زندگيون بهتر ٿيون آهن. جڏهن ته 15 ميٽرن کان اوچا ۽ ورلي 250 ميٽرن جيترا وڏا ڊئم، انسانن ۽ زمينن کي ڪيترن طريقن سان ڇيهو رسائين ٿا.

### ياقوئي جي ماڻهن کي هڪ وڏي ڊئم ڪيئن نه بيمار ڪري ڇڏيو

گهڻا سال اڳ، اتر ميڪسيڪو جي گرم ۽ خشڪ آبهوا ۾ ياقوئي (Yaqui) ماڻهو زراعت ڪري زندگي گذاريندا هيا. خوشقسمتيءَ سان، ريو ياقوئي (Rio Yaqui) درياءَ اتان جي ماڻهن کي پوکيءَ، پيئڻ ۽ ٻين ضرورتن جي پورائي لاءِ سڄو سال پاڻي مهيا ڪندو ٿي رهيو.

پر اهڙو سڄو لقاءَ تڏهن متجي ويو جڏهن سندن درياءَ تي ڊئم ناهيو ويو. اهو هيئن ته ميڪسيڪو سرڪار اعلان ڪيو ته ڊئم جو رڳو اڌ پاڻي ياقوئين لاءِ آهي پر ستت ئي پوءِ ياقوئين ڀڏايو ته سندن ڳوٺن تائين پاڻيءَ جو ڦڙو به نٿو پهچي. جنهن جو سبب هي هيو ته سڄي درياءَ جو رخ هڪ اهڙي شاهي ڪئنال ڏانهن ڪيو ويو هو جنهن رستي ڪٽڪ ۽ ڪپهه جهڙيون وڏيون وڏيون تجارتي پوکون پوکيون ٿي ويون. آهستي آهستي اهڙا صنعتي ڪم ايترا وڌي ويا جو ياقوئي ماڻهن کي پنهنجي فصلن پوکڻ لاءِ پاڻيءَ ڦڙي به ملي نٿي سگهي.



ڪنهن به خشڪ زمين تي ڪٽڪ ۽ ڪپهه جي پوکي ڪرڻ لاءِ گهڻي پاڻيءَ، ڪيميائي ڀاڻ ۽ جيتمار دوائن جي ضرورت ٿئي ٿي. جڏهن ته فصل پوکڻ ڪانوني لاباري ڪرڻ تائين 45 ڀيرا جيتمار دوائن جو ڦوهارو ڪيو ويجي ٿو. آخر ۾ جيتمار دوائن جو سڄو زهر آبپاشيءَ جي پاڻيءَ سان شامل ٿي ويجي ٿو. درياءَ جو سڄو پاڻي ڦيرائڻ ۽ پاڻيءَ جو ٻيو ڪوبه وسيلو نه هجڻ سبب ياقوئي ڪئنالن مان پاڻي پيئڻ تي مجبور ٿيا. سالن لاڪر اهڙو ڪنو پاڻي پيئندي رهڻ سبب بيمارين ۾ مبتلا ٿي پيا.

ٻارڙن ۾ سکڻ، سمجهڻ، سوچڻ، واڌ ۽ راندين نه ڪري سگهڻ جا مسئلا پيدا ٿيا آهن. ڪيترن ۾ ته رت جي ڪينسر / ليوڪيميا، ڇاتي ڇم جا نقص جهڙوڪ: لنديون ٿنگون ٻانهون ۽ هڏن جي نرم هجڻ جون بيماريون ٿي پيون آهن. صحت جي اهڙين سيني تڪليفن ٿيڻ جو گهڻو امڪان ڪنو پاڻي پيئڻ ۽ پيستسائيڊن واريءَ زهريلي هوا ۾ ساهه ڪڻڻ آهي.

ياقوئي ماڻهن ۾ صحت جا اهڙا مسئلا تڏهن کان پيدا ٿيڻ شروع ٿيا آهن جڏهن کان سندن درياءَ تي ڊئم ناهيو ويو آهي.

## ڊئم اوپارن ۾ لهوارن هنڌن تي مسئلا پيدا ڪن ٿا

سيپ ڪان اڳ ۾ اهڙا ڊئم اوپارن هنڌن تي رهندڙ ماڻهن لاءِ مسئلا پيدا ڪن ٿا. جتان درياءَ وهي ٿو يا مٿس بند ٻڌا وڃن ٿا.

### دربدري ۽ غربت

ڊئمن سبب ماڻهو دربدر ٿين ۽ لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. گهڻا ماڻهو مجبوريءَ ۾ بيڪار زمين يا شهري ڪچين ۽ گندين آبادين ۾ رهڻ تي مجبور ٿين ٿا. دربدر ٿيندڙ ماڻهن کي پئسن ۽ زمين ڏيڻ جو ٻه دلاسو ڏنو ويجي ٿو. جڏهن ته، عام طور تي مقامي ڪامورا ڪين پئسا نٿا ڏين. گهڻي ڀاڱي رڳو اهي ماڻهو جن جي نالي زمين هجي ٿي ۽ ڊئم سبب ٻڏي وڃي ٿي تنکي پئسا يا معاوضي ۾ ٻي زمين ملي ٿي. ورلي، بدلي ۾ مليل اهڙي زمين ايتري خراب هجي ٿي جو ان تي پوکي ڪري نٿي سگهجي.

ڊئمن سبب ٻڏي ويندڙ ڳوٺن جي نه ته سنڀال لڌي وڃي ٿي نه ترقي لاءِ سرڪاري فنڊ ڏنا وڃن ٿا ۽ نه ئي اسڪولن، روڊن، رستن ۽ صحت جي سهولتن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ٿو. جنهن سبب اهي نظرانداز ٿيندا رهن ٿا. ڪيترا ڳوٺ وري ٻوڏ اچڻ کان اڳ سالن تائين اهڙيءَ حالت ۾ رهن ٿا.

**ڊئم تي ڪم ڪندڙ پيڙيا رهن ٿا.** اهڙا پورهيت، عام طور تي جوکائتين حالتن ۾ ڪم ڪن ٿا. وٽن رهڻ لاءِ ناقص گهر، ناقص کاڌو، صحت جون مڙيوئي سهولتون هجن ٿيون. اهڙين حالتن ۾ ڪم ڪرڻ سبب سلهه ۽ ايچ آءِ ويءَ جهڙيون بيماريون وڌن ٿيون. ڊئم جي نهي راس ٿيڻ کانپوءِ لازمي طور تي نئين ڪم ۽ گهر جي ڳولها ڪرڻي پوين ٿي.

**ڊئم راڄن جا راڄ تباهه ڪري ڇڏين ٿا.** رزوائر وارن هنڌن تي رهندڙ ڪٽنب پنهنجن گهرن گهاٽن، زمينن ۽ گذرسفر کان محروم ٿي وڃن ٿا. دربدر ٿيندڙ عام طور تي وري هڪ هنڌ آباد ٿي نٿا سگهن. هڪ دفعي جي لڏپلاڻ ڪرڻ کانپوءِ عام طور تي اهڙا ماڻهو مسڪين ۽ محتاج ٿي رهن ٿا.



ڊئم، دريائن جي قدرتي وهڪرن کي برباد ڪري، وهڪرن کي وڌائي يا گهٽائي ڇڏين ٿا. ٻوڏن ۽ خشڪ سالي ۽ جي قدرتي ڦيرن کي بہ متاثر ڪري سگهن ٿا جنهن سبب سڄي درياءَ سميت زمين جو هڪ وسيع علائقو تباهہ ٿي وڃي ٿو.

## جيتن جي واڌ ويجهہ لاءِ نوان هنڌ ٿين ٿا

مڇر تراڪڙي، آبپاشي ڪئنالن جي اُس پونڊڙ پاڻي ۽ رزروائر جي ڪنارن سان واڌ ڪن ٿا. باقاعدگي ۽ سان رزروائر جي سطح وڌائڻ ۽ گهٽائڻ سان ٻچڻ مڇر مري وڃن ٿا. جڏهن تہ ڊئم سنڀاليندڙ عام طور تي ان ڳالهہ کي اهميت وارو نٿا سمجهن.

بليڪ فلائيز /ڪاري مک، رور بلائينڊنيس جي بيماري پکيڙيندڙ ٿئي ٿي، تکي وهندڙ پاڻي ۾ آنا لاهي ٿي جهڙوڪ ڊئم مان وهندڙ پاڻي. جڏهن تہ ڊئمن ۽ آبپاشي ۽ جو بيٺل پاڻي ڪوڏن جي واڌ جي جاءِ ٿئي ٿي جيڪي رت جا ڪينئان پکيڙين ٿا (ڏسو ص. 56).

## دريا جي بندن جي ڪاڏ ۽ ڪچو

جڏهن بہ ڪنهن ڊئم سبب درياءَ ۾ روڪ پيدا ٿئي ٿي تہ، پاڻي رستي وهندڙ مٽي جا ذرا ۽ پٿريون (لٽ) درياءَ جي ڪنارن بجاءِ درياءَ جي تري ۽ رزروائر ۾ ويهجي وڃي ٿو. جڏهن رزروائر کان پاڻي وهايو وڃي ٿو تہ اهڙي پاڻي ۾ لٽ موجود نٿو هجي. جيئن تہ لٽ، پوک ۽ زراعت لاءِ زمين کي زرخيز ڪندڙ هڪ وکر ٿئي ٿو ان سبب لهواريون زمينون بيڪار ٿي وڃن ٿيون پر جڏهن ڊئم مان پاڻي وهايو وڃي ٿو تہ ان جي وهڻ سان گڏ اهو زمين جي لٽ بہ وهائيندو درياءَ جي پيٽ کي اونهائي ۾ پٽيندو ۽ ڪائيندو وڃي ٿو.






## وڏن ڊئمن جا نعم البدل

جڏهن بہ ڪنهن ڊئم جي رٿا رٿي ويندي هجـ
تڏهن، پهريائين اها ڳالهہ پڇڻ گهرجي تہ ڇا. ڊ
ناهڻ ضروري آهي؟ ڇو تہ ڊئم ٻوڏ جي بچاءَ، بـج
آبپاشيءَ ۽ وڏندڙ شهرن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ناهيـ
وڃن ٿا. جڏهن تہ اهڙيون سڀ سهولتون گهٽ
هاڃيڪار طريقن سان بہ حاصل ڪري
سگهجن ٿيون.

اهڙو پيو سوال هي پڇڻو هوندو آهي تہ ان مان ڪنهنکي فائدو ٿيندو؟ سڄيءَ دنيا ۾ جيڪي برادريون ۽ راج متاثر ٿيـنـدڙ هيا تن وڏن ڊئمن لاءِ مزاحمت ڪري انهن جا نعم البدل رٿيا آهن جن مان ڪيترا ڪاميابيءَ سان هلي رهيا آهن.

**ٻوڏ تي ضابطو.** جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ اهو قدرتي ڪچي واري علائقي ۽ ويٽلئنڊن ۾ نہ ناهجي. ان بجاءِ ٻوڏ جي چتائيندڙ سرشتي کي سڌاري ماڻهن کي ٻوڏن لاءِ هوشيار ۽ تيار ڪجي. دريائن جي قدرتي وهـڪـرن کي قائم رکڻ سان اهي ٻوڏن کي وڌيڪ اثرائتي طرح سان روڪين ٿا بنسبت ڊئمن ناهڻ جي.

**بجلي.** حڪومتن ۽ ترقياتي ڪمن ڪرائيندڙن کي هوا، شمسي يا ننڍي پئماني تي پاڻيءَ رستي بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ اها بہ اهڙي هنڌ ويجهو پيدا ڪرڻ لاءِ همٿائجي جتي اها استعمال ڪئي ويندي هجي. مقامي سطح تي سـنـيـال ۽ هـٿ وس رهندڙ توانائي شهرن ۽ ڳوٺن جي ماڻهن سميت ڳوناڻن هنڌن لاءِ وڌيڪ پائدار ثابت ٿئي ٿي (ڏسو باب 23).

**آبپاشي.** مقامي ترقي، پاڻيءَ جي بهترين ضمانت ڏئي ٿي بنسبت وڏن ڊئمن جي. انڊيا جي گجرات صوبي ۾ مينهن جو پاڻي گڏ ڪري خشڪ موسم ۾ استعمال ڪرڻ ۽ جر کي وڌائڻ لاءِ اهڙا هـزارين چيـڪ ڊئـم (check dams) نـاهيـا ويا آهن (ڏسو ص. 293). اهڙن ڊئمن تي ايندڙ خرچ حڪومت ۽ ڳوناڻا گڏجي پرين ٿا، اهڙا ڪيـتـرائـي ڳـوٺ جـن وٽ ڪنهن زماني ۾ ٻنين کي پاڻي ڏ
سال موجود رهي ٿو.




**جيڪڏهن توهانجي ترائي ۾ ڪنهن ڊئم**
سڄيءَ دنيا جون برادريون نون ڊئمـ
مزاحمت ڪنديون. پراڻن کي ڊاهڻ جو
ڊئمن ناهڻ سبب ڪين ٿيل نقصان جو مع
زمين جي صورت ۾ حاصل ڪرڻ
ڪنديون رهيون آهن. ان ڪانسواءِ
برادريون تہ ڊئمن سنڀالڻ ۽ هلائڻ جي
طريقن ۾ بہ تبديليـن آڻـڻ جي گهر
ڪري رهيون آهن تہ جيئن درياءَ
وڌيڪ قدرتي طريقي سان وهي سگهن
۽ ان ڇيهي کي گهٽائي سگهجي
جيڪو ڊئمن سبب پيدا ٿي رهيو آهي
(وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو وسيلا).

## بين القبيلائي پائيچارو يوڪان دريا بچائي ٿو

الاسڪا ۽ يوڪان رياست ۾، جيڪا آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي سرحد سان آهي يوڪان درياءَ ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن مان ڏوڪيندو 3700 ڪلوميٽرن جو سفر ڪندو رهي ٿو. جيئن ته هي ارڙو درياءَ غلاظت جي خطري ۾ آهي تنهنڪري 60 مقامي برادرين هڪ ٺاهه تي صحيون ڪري پائيچاري طور هن درياءَ کي ايندڙ نسلن لاءِ صاف رکڻ لاءِ هام ڀري آهي. ان سلسلي ۾ هنن "يوڪان رور انٽرٽرائيبل واٽرشيڊ ڪائونسل" (Yukon River Intertribal Watershed council) نالي هڪ اتحاد به قائم ڪيو آهي.

واٽرشيڊ ڪائونسل پنهنجي ڪم جي شروعات سڄي درياءَ کي صاف ڪرڻ سان نه ڪئي، پر هنن ننڍيون رٿائون ٺاهيون ۽ انهن جا چٽا مقصد بيان ڪيا. سندن اهڙو پهريون پروگرام درياءَ پرسان شهرن ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش هڻڻ هيو. پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش ڪانپوءِ درياءَ جي صحت تي وڏو فرق پوي ٿو.

پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي بندش هڻڻ تي ڪاميابي ماڻڻ ڪانپوءِ برادرين اڇلايل بئٽرين، وهايل ڪني تيل ۽ ڪريل موٽرگاڏين جي نيڪال لاءِ صفائي ڪرڻ شروع ڪئي. ترائيءَ جي هر برادريءَ گندڪچري اڇلائڻ جون ڪڏون کوٽيون ۽ بئٽرين گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوڪا رکيا ته جيئن زمين ۽ پاڻيءَ کي زهريلن مادن کان بچائي سگهجي. ان ڪانپوءِ هنن پنهنجي علائقي جي ننڍين هوائي ۽ بحري ڪمپنين ۽ فوجي ڇانوڻين کي سمجهائڻ شروع ڪيو ته اهي، پراڻين بئٽرين، موٽرگاڏين ۽ تيل جو سلامتيءَ وارن طريقن سان اُڪلاءُ ڪن. هاڻ، يوڪان جي قبيلائي حڪومت



پنهنجي ڪسين جي نظام ۽ گندڪچري جي ڪڏن کي سڌاري، گندڪچري کي ٻيهر استعمالڻ ۽ ريسائيڪل ڪرڻ جو پروگرام ٺاهي رهي آهي. نوجوانن کي پاڻي جي غلاظت چڪاسڻ لاءِ سکيا ڏئي رهي ۽ غلاظت جون نشانيون سمجهائي رهي آهي ته جيئن ان کي وقت سر روڪي سگهجي.

يوڪان رور انٽرٽرائيبل واٽرشيڊ ڪائونسل، ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي قبيلائي، رياستي، مقامي ۽ قومي حڪومتن ماحولياتي ۽ ترائين جي گروپن، فنڊ ڏيندڙ ادارن ۽ ٻاهرين صلاحڪارن سان پائيچاري رستي ڪيترين گروپن کي گڏ ڪري هڪ اهڙي رٿا تيار ڪئي جنهن ۾ ترائي جي، تر جو هر ماڻهو ڪنو ٿيو ته جيئن ايترا وسيلا گڏ ڪري پنهنجو ڪم پورو ڪري سگهجي. واٽرشيڊ ڪائونسل، پهريائين ننڍڙا ۽ پوءِ وڏا قدم کڻي اهڙين تبديلين کي همٿائي ٿي جيڪي آهستي پر اثرائتا ٿي سگهن. ان سلسلي ۾ ڪائونسل جي هڪ ميمبر ٻڌايو: "جڏهن مان ننڍڙو هوس تڏهن سڌوسنئون درياءَ مان پاڻي پيئندو هوس ۽ 50 سالن اندر اسان ان لائق ٿي ويندا سين ته وري درياءَ مان ساڳئي طرح پاڻي ڪڍي سگهون."